روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) اڱارو 30 مئي 2023ع بمطابق 09 ذوالقعد 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 05

سنڌ صدين کان هڪ آهي ۽ هڪ رهندي: مرتضيٰ وهاب

اقتدار جي لالچ ۾ حافظ نعيم اهڙي جماعت سان گڏ اتحاد ڪري رهيا آهن جنهن ملڪي سلامتي کي نقصان پهچايو ۽ اسان جي حساس ادارن ۽ تنصيبات تي حملا ڪيا

جڏهن دشمن ناڪام ٿيو ته هن حڪمت عملي تبديل ڪئي دشمن عمران خان کي لانچ ڪيو هن ڊاڪٽرائن جي ذريعي ماڻهن کي برين واشنگ شروع ڪئي وئي

هڪ پارٽي ماهر ٻڌو ته ڪيئن مودي عمران خان جي ڪلهي تي ڪشمير ۾ پنهنجا عزائم پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي عمران خان پرڏيهي فنڊنگ لڪائيندو رهيو

پنهنجي جان ڏيڻ ڪوئي معمولي شئي نه آهي اسان شهيدن کي نالي سان اڄ به روڄن ۽ پارڪن کي ناهيندا آهيو ته جيئن اسان جي ٻارن کي خبر پوي ته هنن ملڪ لاءِ قربانيون ڏنيون

پيپلزپارٽيءَ ترقي جي سياست جي ڌرٽي جي سياست ناهي ڪئي، نتيجو اهو نڪتو ته عوام اسان کي ووٽ ڏنو هي اسان جي محنت ۽ بلاول ڀٽو جو ترقي جو ويزن آهي

پاڪستان مختلف دورن ۾ سازشن ۾ گهيريل رهيو، ماضي ۾ دشمن دفاعي اعتبار سان سازشون ڪندو رهيو: سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي روم ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ قانوني صلاحڪار سنڌ بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته سنڌ نه اندر آهي نه ٻاهر آهي، سنڌ صدين کان هڪ آهي ۽ هڪ رهندي اقتدار جي لالچ ۾ حافظ نعيم اهڙي جماعت سان گڏ اتحاد ڪري رهيا آهن جنهن ملڪي سلامتي کي نقصان پهچايو ۽ اسان جي حساس ادارن ۽ تنصيبات تي حملا ڪيا. اهڙن خيالن جو اظهار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب سومر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: سنڌ حڪومت ترجمان ۽ قانوني صلاحڪار سنڌ بئريسٽر مرتضيٰ وهاب پريس ڪانفرنس ڪندي

9مئي واقعن ۾ ملوث جوابدارن کي سزا ڏياري ئي ساهه پٽينداسين: مراد علي شاهه

ڪراچي (م ر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته 9 مئي جي واقعن ۾ ملوث جوابدارن کي سزا ڏياري ئي ساهه پٽينداسين ڪراچي ۾ شهيدن جي ياد ۾ تقريب سان خطاب ڪندي مراد علي شاهه چيو ته 9 مئي جي واقعن ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائي ٿيندي، انهن سان آئين ئي ٿيندو، جيئن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سُپريم ڪورٽ ريويو آف ججمينٽس اينڊ آرڊر ايڪٽ لاڳو، نواز شريف ۽ جهانگير ترين کي اپيل جو حق ملي ويو

صدر عارف علوي سپريم ڪورٽ جي آرٽيڪل 184 تي تحت پاڻمرادي نوٽيس جي اختيارن بابت بل جي منظوري ڏئي ڇڏي

آرٽيڪل 184 ٽي تحت ڪيس جو جيڪا بئنچ فيصلو ٻڌائيندي، ان تي نظرثاني درخواست لاءِ ان کان وڏي بئنچ جوڙي ويندي : ايڪٽ جو متن

نئين قانون تحت اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف ۽ جهانگير ترين سميت ماضي ۾ 184 تي تحت نااهل ٿيندڙ کي اپيل جو حق ملي ويو آهي

اهڙي شخص کي قانون جي منظوريءَ جي 60 ڏينهن اندر درخواست ڏيڻي پوندي، بل جو مقصد سپريم ڪورٽ جي اختيار واري دائري کي وڌائڻ آهي

درخواست ڏيندڙ کي اهو حق حاصل هوندو ته اهو سپريم ڪورٽ ۾ پنهنجي مرضيءَ جو وڪيل مقرر ڪري، درخواست جو حق اهڙي متاثر شخص کي به هوندو جنهن خلاف قانون جي منظوري کان اڳ فيصلو ٻڌايو ويو هجي

نئين قانون تحت نظرثاني درخواست جو دائرو هاڻي اپيل جهڙو ئي هوندو، ماضيءَ ۾ فيصلي تي نظرثاني جي درخواست اها ئي بئنچ ٻڌندي هئي جنهن طرفان اهو فيصلو ڏنو ويندو هو

اسلام آباد (م ر) سپريم ڪورٽ ريويو آف ججمينٽس اينڊ آرڊر ايڪٽ 2023ع جي نفاذ جو گزٽ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي، قانون تحت اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف ۽ جهانگير ترين پنهنجن ڪيسن ۾ نظرثاني اپيل داخل ڪرائي سگهندا. سپريم ڪورٽ ريويو اينڊ ججمينٽ اينڊ آرڊر ايڪٽ نهڻ جو انڪشاف اڄ سپريم ڪورٽ ۾ پنجاب ۾ چونڊن بابت نظرثاني واري ڪيس جي ٻڌڻي دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سوموٽو فيصلن تي نظرثاني جي نئين قانون ڪانپوءِ پنجاب ۾ چونڊن بابت ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي

چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 3 رڪني بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

سپريم ڪورٽ جا نظرثاني قانون منظور ٿي چڪا آهن، سپريم ڪورٽ جا نظرثاني قانون جمعي کان لاڳو ٿي چڪا: اٽارني جنرل

هيءَ عدالت عدليا جي آزادي جي قانون کي لاڳو ڪري ٿي : چيف جسٽس عمر عطا بنديال

سپريم ڪورٽ جا فيصلائي آرٽيڪل 187 تحت نظرثاني جي اختيارن جو دائرو وڌائڻ جو رستو ڏئي رهيا آهن

اسلام آباد (م ر) پاڻمرادي نوٽيس (سوموٽو) ڪيسن ۾ عدالتي فيصلن تي نظرثاني جو نئون قانون لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ سپريم ڪورٽ ۾ پنجاب ۾ چونڊن ڪرائڻ جي فيصلي خلاف اليڪشن ڪميشن جي نظرثاني درخواست جي ٻڌڻي ملتوي ڪئي وئي. چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 3 رڪني بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. جسٽس اعجاز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سپريم ڪورٽ ريويو آف آرڊرز ايڪٽ سان نواز شريف يا جهانگير ترين کي فائدو نٿو پهچي سگهي: اعظم نذير تارڙ

سپريم ڪورٽ ريويو آف آرڊرز اينڊ ججمينٽ ايڪٽ سان نواز شريف يا جهانگير ترين کي فائدو نٿو پهچي سگهي

نواز شريف ۽ جهانگير ترين پنهنجي سزائن خلاف نظرثاني جو حق استعمال ڪري چڪا آهن

نئين قانون تحت آرٽيڪل 184 ٽري جي اپيل تحت رليف عام ماڻهو کي ملندو

اسلام آباد (م ر) قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته سپريم ڪورٽ ريويو آف آرڊرز اينڊ ججمينٽ ايڪٽ سان نواز شريف يا جهانگير ترين کي فائدو نٿو پهچي سگهي نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي اعظم نذير تارڙ چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

لاهور: جهانگير ترين، عليم خان ۽ تحريڪ انصاف جي اڳوڻن اڳواڻن جي ٿيل ملاقات جو ڏيک

عمران 9 مئي تي حراست دوران پوليس واري جي فون تان 11 ڀيرا مسرت جمشيد کي هدايتون ڏنيون

اسلام آباد (م ر) تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان هڪ منصوبي تحت 9 مئي تي فوج ۾ بغاوت ڪرائڻ جي عملي ڪوشش ڪئي هئي، 9 مئي تي اڳوڻي پي ٽي آءِ اڳواڻ اهلڪار جي موبائيل فون تان گهٽ ۾ گهٽ 11 ڀيرا رابطو ڪري صورتحال بابت پڇا ڪئي ۽ هدايتون ڏنيون هيون. ٽي سگهي ٿو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال ايگزيبيشن جو ربن ڪٽي افتتاح ڪندي

جي ايڇ ڪيو حملو، عدالت 8 جوابدارن کي ملٽري ڪورٽس حوالي ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ 8 نامزد جوابدارن کي ملٽري ڪورٽس حوالي ڪرڻ جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي

جوابدارن علي حسن، لال شاهه، شهريار ذوالفقار، فرهاد خان تي سول لائن ٿاڻي ۾ ڪيس داخل

راولپنڊي (م ر) راولپنڊي جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي ايڇ ڪيو تي حملي ۾ نامزد 8 جوابدارن کي ملٽري ڪورٽس حوالي ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ 8 نامزد جوابدارن کي ملٽري ڪورٽس حوالي ڪرڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آءِ ايم ايف سان معاهدي بابت سوال تي اسحاق ڊار ڪاوڙجي پيو

ڇا آءِ ايم ايف سان معاهدو نه ٿيڻ توهان جي ناڪامي آهي؟ صحافي

توهان کي جيڪو فيصلو ڏيڻو آهي ڏئي ڇڏيو، مان پوءِ ڏسندس: اسحاق ڊار

اسلام آباد (م ر) ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار آءِ ايم ايف سان معاهدي بابت سوال تي ڪاوڙجي پيو اسلام آباد ۾ هڪ تقريب دوران صحافي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پي ٽي آئي پاران 9 مئي جي واقعن خلاف مذمتي ٺهراءُ سينيٽ ۾ جمع

عسڪري ۽ تاريخي عمارتن تي حملن جي سخت مذمت ڪريون ٿا: قرارداد جو متن

هي ايوان 9 مئي تي جي ايڇ ڪيو، جناح هائوس تي ٿيندڙ تشدد وارن حملن جي سخت مذمت ڪري ٿو

هٿياربند فوج، سيڪيورٽي ايجنسين ۽ وڏي پيماني تي انهن واقعن سان متاثر ٿيندڙ عوام سان ٻڌي جو اظهار ڪريون ٿا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پي ٽي آئي جي سينيٽرز جي 9 مئي جي واقعن بابت مذمتي ٺهراءُ سينيٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو سومر تي جمع ڪرايل ٺهراءُ ۾ چيو ويو ته عسڪري ۽ تاريخي عمارتن تي حملن جي سخت مذمت ڪريون ٿا قرارداد ۾ چيو ويو ته هي ايوان 9 مئي تي جي ايڇ ڪيو جناح هائوس تي ٿيندڙ تشدد وارن حملن جي سخت مذمت ڪري ٿو ٺهراءُ مطابق جناح هائوس لاهور ۾ ڪور ڪمانڊر رهن ٿا ان کي به باهه ڏني وئي هئي، پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي قيمتي سامان کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

جهانگير ترين، عليم خان ۽ تحريڪ انصاف جي اڳوڻن اڳواڻن ۾ ملاقات، نئين پارٽي ٺاهڻ تي اتفاق

عليم خان جهانگير ترين ۽ سندس ساٿين جي مان ۾ مانجهاندو ڏنو

مانجهاندي ۾ تحريڪ انصاف سان واسطو رکندڙ موجوده ۽ اڳوڻين شخصيتن به شرڪت ڪئي

ملاقات ۾ نئين سياسي جماعت ٺاهڻ بابت جهانگير ترين جي عليم خان سان مشاورت ٿي : ذريعا

لاهور (م ر) لاهور ۾ سينيئر سياستدان جهانگير ترين ۽ عليم خان جي ملاقات ٿي، جنهن ۾ نئين سياسي جماعت ٺاهڻ بابت مشاورت ڪئي وئي. عليم خان جهانگير ترين ۽ سندس ساٿين جي مان ۾ مانجهاندو ڏنو مانجهاندي ۾ تحريڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ملڪ شهزاد اعوان جون ٽرڪون ساڙڻ جا الزام ڪوڙا قرار

هاڻي بس آرام سان ٻن جهنبن وچ ۾ ويهي رات جو ڪاميڊي شو لڳائيندا ڪريو: مريم اورنگزيب

انهن شهيدن ۽ غازين جي خاندانن کان معافي وٺو جن جون دليون تون زخمي ڪيون

الله تعاليٰ پنهنجن بندن جي حقن جي پڇڪڙي معاف نٿو ڪري : سڏسماءُ واري وفاقي وزير

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سڏسماءُ بابت وفاقي وزير مريم اورنگزيب ملڪ شهزاد اعوان جي ٽرڪ ساڙڻ جي الزامن کي رد ڪندي چيو ته ڪوڙا هي تصوير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

مريم اورنگزيب ۽ اڳوڻو وزيراعظم عمران خان

عمران خان جي ڪري عورتون جيلن ۾ آهن: ڪامران ٽيسوري

9 مئي وارو واقعو نه ٿيڻ گهرجي ها، عمران خان جي حڪم تي ڪراچي ۾ بسن کي باهه ڏني وئي

عمران خان سان هاڻي ڪنهن سان به ڳالهيون نه ٿينديون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري چيو آهي ته اڄ جيڪي عورتون جيلن ۾ آهن اهي عمران خان جي ڪري آهن پنهنجي هڪ بيان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جو نالو اي سي ايل ۾ شامل

عمران خان جو نالو نيب راولپنڊي جي سفارش تي اي سي ايل ۾ وڌو ويو

نيب عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي جو نالو به اي سي ايل ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو

اسلام آباد (م ر) برطانيا جي نيشنل ڪرائم ايجنسي (اين سي اي) جي 190 ملين پائونڊ اسڪينڊل ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جو نالو ايگزٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت سان يو اين وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

فرد واحد پاڪستان کي ڪنٽرول نٿو ڪري سگهي: عرفان قادر

اسان کي آئين کي اوليت ڏيڻي آهي، دنيا ۾ ڪٿي به جمهوريت آهي، ادارا پنهنجي دائري ۾ رهي ڪم ڪن ٿا

سپريم ڪورٽ جو پيغام دنيا تائين پهچائڻ وزيراعظم جو عهدو ناهي، وزيراعظم ڪنهن به عدالت کي جوابده ناهي

اهو به وقت هو جڏهن پاڪستان ۾ پوليٽيڪل انجنيئرنگ ٿي هئي، حڪومتن جون حڪومتون آهن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم جي خاص مددگار عرفان قادر جو چوڻ آهي ته سمورا ادارا آئين جا تابع آهن ڪو به فرد اڪيلو پاڪستان کي ڪنٽرول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

وزيراعظم جو خاص مددگار عرفان قادر

ڪراچي: پلاسٽڪ جي فيڪٽري کي خوفناڪ باهه

ليبر چورنگي وٽ پلاسٽڪ جي فيڪٽري کي اوچتو باهه لڳي

فائر برگيڊ جون 8 گاڏيون باهه وسائڻ ۾ رڌل آهن : ذريعا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي سائيٽ ايريا ۾ پلاسٽڪ جي فيڪٽري کي باهه لڳي وئي آهي. ليبر چورنگي وٽ پلاسٽڪ جي فيڪٽري کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي کي پنهنجي جاگير سمجهندڙن جو دور گذري چڪو: سعيد غني

ايم ڪيو ايم بلديات جي ذريعي ڪراچي تي حڪومت ڪندي رهي آهي

پريس ڪانفرنس ڪري پيپلزپارٽي جي قيادت تي الزام لڳائڻ عوام جي خدمت نه آهي

ڪراچي جي عوام جي پاڻي جو مسئلو به حل ٿيندو ۽ ڪراچي ترقي به ڪندو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) محنت ۽ افرادي قوت واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته ايم ڪيو ايم کي گهرجي ته بلاول ڀٽو زرداري تي تنقيد ڪرڻ بدران ڪراچي کي پنهنجي عملن جو حساب ڏي ڪراچي کي پنهنجي جاگير سمجهندڙن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

يو اين وفد جي چيف سيڪريٽري سان ملاقات

ملاقات دوران ٻوڏ ۽ ٻين هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

چيف سيڪريٽري ٻوڏ ۽ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ قدمن کي بهتر بڻائڻ جي حڪمت عملي تي غور ڪيو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) گڏيل قومن جي انساني معاملن جي رابطي بابت (UN_OCHA) جي هڪ وفد ڪارلوس چا جي اڳواڻي ۾ سومر ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سنڌ اسيمبلي اقليتي جي حقن جي تحفظ جي ضمانت آهي: ريحانه لغاري

سنڌ حڪومت ڪڏهن به ڪنهن شعبي ۾ اقليتن سان ڳڻ فرق ناهي ڪيو

سنڌ اسيمبلي سيني کان وڌيڪ اقليتن جي حقن جي تحفظ ڪئي ضمانت ڏني

هيمشه ان جي حقن جي تحفظ لاءِ آواز بلند ڪئي: ڊپٽي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي ريحانه لغاري سان ميمبر سنڌ اسيمبلي انٿوني نويد جي قيادت ۾ اقليتي نمائندن جي 8 ميمبر وفد ملاقات ڪئي ۽ مختلف شعبن ۾ اقليتن کي درپيش مسئلن ۽ اقليتن جي حقن جي تحفظ جي بابت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي ۾ رينجرز ۽ پوليس جون ڪارروايون، وارداتن ۾ ملوث ڏوهاري گرفتار

ڦورو ٽولي جا 2 ڏوهاري شهاب عرف شيدو ۽ محمد آصف کي گرفتار ڪري ورتو

جوابدار جيڪو پاران باغ بلوچستان مان منشيات خريد ڪرڻ ۽ موڪلڻ جو اعتراف

ڪراچي (م ر) پاڪستان رينجرز سنڌ ۽ پوليس انٽيليجنس ڄاڻ جي بنياد تي گڏيل ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي اورنگي ٽائون مان ڦرلٽ جي ڪيترن ئي وارداتن ۾ ملوث ڦورو ٽولي جا 2 ڏوهاري شهاب عرف شيدو ۽ محمد آصف کي گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

خديجه شاهه ۽ عمران محبوب جي آزادي لاءِ آرمي چيف تي دٻاءُ

لاهور (م ر) اڳوڻي آرمي چيف آصف نواز جنجوعا جي ڏوهٽي خديجه شاهه جي آزادي لاءِ ڪيترائي رٽائرڊ فوجي آفيسر سرگرم ٿي ويا آهن ۽ آرمي چيف جنرل عاصم منير تي دٻاءُ وڌي ويو آهي. ٻرادران حوالي سان ڪاٺه رعايت ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي. سيد عمران شفقت جو چوڻ آهي ته ساڳي طرح عمران محبوب به گرفتار آهي جيڪو پڻ هڪ رٽائرڊ جنرل جو نياڻو آهي. ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: محنت ۽ افرادي قوت وارو صوبائي وزير سعيد غني ميڊيا سان ڳالهائيندي

صدارتي چونڊن ۾ ڪاميابي "سلطنتِ عثمانيه" جي استنبول فتح ڪرڻ وانگر آهي: اردگان

انقرا (م ر) ترڪيه جي صدارتي چونڊن جي حتمي مرحلي ۾ ڪاميابي بعد صدارتي محل مان عوام کي خطاب ڪندي صدر رجب طيب اردگان چيو ته اوهان ٻيهر اسان کي اها ذميواري ڏني آهي، اسان سڀئي گڏجي ان کي ترڪي جي صدي بڻائينداسين صدر اردگان چيو ته اڄ ڪنهن به ناهي هاريو، اڄ جو فاتح صرف ۽ صرف ترڪيه آهي. اها ترڪيه ۽ ملڪ جي ساڍن ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: ڊپٽي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي ريحانه لغاري گڏجاڻي دوران ڳالهائيندي

ڪراچي: عدالت ۾ خلع وٺڻ آيل عورت مڙس جي فائرنگ ۾ مرٽينگ

سٽي ڪورٽ ۾ فائرنگ ۾ عورت صائمه مرٽينگ ٿي، فائرنگ ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو

عورت جو سول اسپتال جي ٽراما سينٽر ۾ آپريشن جاري آهي، سندس حالت انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي : اسپتال اختيارين

ڪراچي (م ر) ڪراچي جي سٽي ڪورٽ ۾ مڙس جي فائرنگ سان عورت سخت زخمي ٿي پئي، پوليس اختيارين موجب سٽي ڪورٽ ۾ فائرنگ سان زخمي ٿيندڙ عورت جو نالو صائمه آهي، جيڪا سول اسپتال ۾ علاج هيٺ آهي. جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

بغداد: وفاقي وزير ساجد حسين طوري ايراني هم منصب سان ملاقات ڪري رهيو آهي

پارٽي رياست مني پور ۾ نسلي وڳوڙ، فورسز سان ويڙهه ۾ 40 باغي مارجي ويا

پارت رياست مني پور ۾ ڪيترن ئي هفتن کان ٻن قبيلن وچ ۾ نسلي وڳوڙ جاري آهن جتي باغين جون فورسز سان به چڪريون ٿيون

چڪرين دوران ڪيترن ئي باغين کي مارڻ جي تصديق ٿي آهي جڏهن ته ڪيئي ماڻهن جي گم ٿيڻ جون به خبرون آهن

مني پور (م ر) پارتي رياست مني پور ۾ جاري نسلي وڳوڙن دوران سيڪيورٽي فورسز سان چڪرين ۾ ڪيترائي باغي مارجي ويا آهن. پرڏيهي ميڊيا موجب، پارت رياست مني پور ۾ ڪيترن ئي هفتن کان ٻن قبيلن وچ ۾ نسلي وڳوڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پ پ آئين کي پامال ڪري ڪراچي جو ميئر بڻائڻ چاهي ٿي: حافظ نعيم

لاڙڪاڻي جو مطالبو آهي ته صدر ٽائون جيالن کي ڏنو وڃي، پيپلزپارٽي آئين کي پامال ڪري ڪيس ڪراچي جو ميئر بڻائڻ چاهي ٿي

اليڪشن جي نالي تي عوام سان مذاق ڪيو پيو وڃي، اليڪشن ڪميشن پيپلزپارٽي جي غلام بڻجي وئي آهي

تحريڪ انصاف جون مخصوص سيٽون آر اوز جي لسٽ مان غائب ٿي ويون آهن، اليڪشن ڪميشن پنهنجي ذميواري پوري ڪري

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان جو چوڻ آهي ته لاڙڪاڻي جو مطالبو آهي ته صدر ٽائون جيالن کي ڏنو وڃي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سي او او واٽر بورڊ سان پي پي اڳواڻ آغا رفيع الله جي ملاقات

پ پ اڳواڻ پاران ملير ضلعي ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي وارن مختلف مسئلن بابت آگاهي

سي او او واٽر بورڊ پاران سمورين شڪايتن جي فوري ازالي جي يقين ڏهاني

ڪراچي (رپورٽر) وزيراعلي سنڌ ۽ مڪاني ادارن واري صوبائي وزير جي خصوصي هدايتن تحت واٽر بورڊ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي وارن سمورن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪري رهيو آهي ان سلسلي ۾ واٽر بورڊ جا سمورا آفيسر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي ۾ مون سون برساتن جو امڪان، سنڌ حڪومت پاران رين ايمرجنسي سينٽر قائم

مون سون برساتن جي دوران عمارتي حادثن جي خدشن جي پيش نظر ايس بي سي اي ۾ رين ايمرجنسي سينٽر قائم ڪيو ويو آهي: ياسين شر بلوچ

سروي جي نتيجي ۾ ڪراچي ۾ لڳ ڀڳ 550 عمارتن کي انهن جي ڍانچي جي زبون اڏاوت جي ڪري خطرناڪ ۽ ناقابل استعمال قرار ڏنو ويو آهي

شارٽ سرڪٽ سميت اوچتو ڪريپ ٿيڻ سبب پاڻي جي لڪيج ۾ ڪيترائي ڀيرا اضافو ٿيو آهي: ڊي جي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ مون سون جي برساتن جو امڪان آهي، سنڌ حڪومت سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ۾ رين ايمرجنسي سينٽر قائم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سلمان احمد جو پيٽيو گرفتار، گهرو کاتي کان جواب طلب

سلمان احمد جي پيءُ طرفان سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ان سلسلي ۾ آءِ جي سنڌ ۽ ٻين کان جواب طلب ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڳائڻي. موسيقار ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ سلمان احمد جي پيٽيو جي نظربندي خلاف درخواست تي سنڌ جي گهرو کاتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

50 هزار کان وڌيڪ قابل استادن جي ڀرتي جو عمل مڪمل

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ڪاليج ايجوڪيشن کاتي ۾ شامل ٿيندڙ 1500 ليڪچرارن مان 100 پوزيشن هولڊر ليڪچرارن کي آفر ليٽر جاري ڪيا ويا. آفر ليٽر جاري ڪرڻ واري تقريب وزيراعليٰ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر اسدالله خان سان پي پي اڳواڻ آغا رفيع الله ملاقات ڪري رهيو آهي

معصوم ثمرت ڪمار جي آزادي تي سڄي سنڌ خوش آهي : اياز لطيف پليجو

حيدرآباد / ٻنون (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته سنڌ جي ڪڇ ضلعن کي عورتن، ٻارن ۽ انساني حقن جو مقتل گاهه ٺاهيو. معصوم ثمرت ڪمار جي آزادي تي سڄي سنڌ خوش آهي، احتجاج ڪندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي جي جيل ۾ قيد ڀارتي مهاڻو لاڏاڻو ڪري ويو

بالو جو مڙهه قانوني ڪارروائي ڪانپوءِ امانت طور ايڌي فائونڊيشن کي موڪليو ويو

گهرو وزارت کي به اطلاع ڪيو ويو، جنهن ڪانپوءِ بالو جو مڙهه ڀارت روانو ڪيو ويندو

ڪراچي (م ر) ڪراچي جي لانڍي جيل ۾ قيد ڀارتي مهاڻو دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو لانڍي جيل جي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ محمد راشد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

بدين ۾ بجلي جي غيراعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف سوشل ورڪر اتحاد پاران احتجاجي مظاهرو

ڊي سي چوڪ کان نيشنل پريس ڪلب بدين تائين ريلي ڪڍي وئي واپڊا خلاف سخت نعريبازي

سيارو ختم ٿيندي ئي واپڊا عملي ڪنڊا ڪنيڪشن سسٽم تيز ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين جو الزام

هٿرادو لوڊشيڊنگ ڪري بجلي 15 کان 18 ڪلاڪن تائين لوڊشيڊنگ ڪري بند ڪئي ٿي وڃي: ڳالهيون

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ روزانو 15 کان 20 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ جي خلاف سوشل ورڪر اتحاد جي طرفان ڊي سي چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ۾ شامل شهرين جيسڪو اختيارين جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

بدين: بجلي جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر پوليس جو مبينا مقابلو، هڪ ڄڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر (رپورٽر) سکر پوليس جو مبينا مقابلو هڪ ڄڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ، خبرموجب سکر پوليس پاران مبينا مقابلي دوران هڪ ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. ان ڏس ۾ سکر پوليس جي ترجمان جاري ڪيل بيان ۾ ڄاڻايو آهي ته سکر سي سيڪشن پوليس لينس ڊائون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڊي ۾ سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ جي ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ لاءِ مطالبا منظور

پگهارن ۾ واڌ نه ٿيڻ ۽ ٽن چارٽر آف ڊيمانڊ جي منظوري نه ٿيڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو هيو

چارٽر آف ڊماند تي صحيح ڪرڻ جي تقريب ٿي گذري، عمران منيار ڊيم جي ايم ڊي شريڪ ٿيا

ٽنڊو (بيورو رپورٽ) سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ سنڌ بلوچستان ۾ گذريل 6 سالن کان ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ نه ٿيڻ ۽ ٽن چارٽر آف ڊيماند جي منظوري نه ٿيڻ ۽ ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ نه ٿيڻ تي ملازمن ۾ ورتل مايوسي ڪانپوءِ اداري ۾ پهريون ڀيرو ڪٽي آيل انصاف جفاڪش يونين سي بي اي پاران ٽئي چارٽر آف ڊمانڊ منظور ڪرائڻ ۽ ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ ڪانپوءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

پراڻو سکر جي ميراڻي محلي ۾ گيس جي بندش ۽ هٿرادو لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج

جي يو آءِ سٽي سکر اڳواڻ مفتي اعظم مهر، رياض ميراڻي، رستم مهر پاران ريلي ڪڍي وئي

ڪيترن ئي علائقن ۾ گيس پريشر گهٽ ۽ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ بند ڪئي وڃي: مظاهرين جو مطالبو

اسان کي مجبور ڪيو پيو وڃي گئس جا بل ادا ڪرڻ باوجود گهريلو گئس صارفين سان ظلم ٿي رهيو آهي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پراڻي سکر جي ميراڻي محلي ۾ گيس جي بندش ۽ هٿرادو لوڊشيڊنگ ۽ گهٽ پريشر سبب گيس انتظاميه خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو [illegible] ڪئي ان موقعي تي جي يو آءِ سٽي سکر جي اڳواڻ مفتي اعظم مهر، رياض ميراڻي، رستم مهر، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو جي هدايتن تي ڌوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون جاري

دادو (رپورٽر) ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو جي هدايتن تي ڌوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون جاري [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سکر: ميراڻي محلي جا رهواسي بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ميرپورخاص پرسان جوابدار ڏير پنهنجي ڀاڄائي کي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ ابراهيم خاصخيلي ۾ ڏير اسد خاصخيلي ڀاڄائي کي پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪيو

مقتول عورت جو لاش پوليس تحويل ۾ وٺي سول اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

جوابدار موقعي تان فرار، قتل جو ڪارڻ گهرو اڻبڻت ۽ ڪارو ڪاري جو الزام ٻڌايو ويو

ميرپورخاص (رپورٽر) ظالم ڏير پنهنجي ڀاڄائي ۽ کي مبينا طور گهرو اڻبڻت جا فائر هڻي قتل ڪري ڇڏيو ميرپورخاص کان ٿاڻي جي حد ڳوٺ جان محمد خاصخيلي ۾ جوابدار اسد خاصخيلي پنهنجي 27 ورهين جي ڀاڄائي ماروي زال غلام حسين خاصخيلي کي قتل ڪري فرار ٿي ويو .. اطلاع تي ڪاڻ ٿاڻي جي ايس ايڇ او نور محمد شر واقعي واري هنڌ پهچي لاش ضروري ڪارروائين لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

پاڪستان مسلم ليگ ن سکر زير اهتمام يوم تڪبير "شڪريه نواز شريف" پروگرام منعقد

ن ليگ ڪارڪنن پاران شرڪاءَ طرفان يوم تڪبير جي سلور جوبلي جي موقعي تي ڪيڪ ڪاٽيو ويو

تقريب ۽ اجلاس ۾ محمد اعظم خان، آغا عارف دراني، ڪاشف عباسي، الله داد بوزدار، گل حسن ڪوسو شريڪ

پاڪستان ڀارت جي 5 ڌماڪن جي جواب ۾ 7 ڌماڪا ڪري ڀارت کي پنهنجي واضح برتري جو ثبوت ڏنو: اڳواڻ

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان مسلم ليگ ن سکر ضلعي جي زير اهتمام (يوم تڪبير) جي سلسلي ۾ زير صدارت خورشيد احمد ميراڻي جي جنرل اجلاس (شڪريه نواز شريف) منعقد ٿيو ۽ شرڪاءَ طرفان يوم تڪبير جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر: يوم تڪبير جي حوالي سان ن ليگ اڳواڻ ۽ ڪارڪن ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

حيدرآباد جي پٺاڻي نگر ٿاڻي پوليس پاران مبينه مقابلي ۾ ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد جي پٺاڻي نگر ٿاڻي پوليس پاران مبينه مقابلي ۾ ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ پوليس دعوي ڪئي آهي ته ڪيترن ئي وارداتن ۾ گهربل جوابدار پوليس سان مقابلي ۾ گرفتار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو آهي قاسم آباد جي علائقن پٺاڻي نگر، نسيم نگر ۽ ٻين ڪيترن ئي علائقن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

اسان سڀ هن سماج ۾ جوابدار آهيون حڪمران اقليتن جو تحفظ نٿا ڪن: اياز لطيف پليجو

ڀارت سان 65 جي يا ٻي ڪا جنگ دراصل ٻن ملڪن جي جنگ آهي، اها مسلمانن ۽ هندن جي جنگ ناهي

روس ۽ افغانستان جي جنگ ڪفر ۽ اسلام جي جنگ ناهي، اهڙي ماحول ۾ سي آئي اي، پينٽاگون ۽ ضياالحق شامل آهن

ڪو به جيڪڏهن مذهب تبديل ڪرڻ چاهي ته اهو سيشن جج اڳيان پيش ٿئي، ان جي عمر به 18 سال هجڻ گهرجي

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراه اياز لطيف پليجي حيدرآباد جي هڪ مقامي هوٽل ۾ سماجي تنظيم سينٽر فار سوشل جسٽس پاران مذهب جي جبري تبديلي ۽ انساني حقن جي تحفظ بابت سيمينار کي خطاب ڪندي چيو ته اسان سڀ هن سماج ۾ جوابدار آهيون حڪمران اقليتن جو تحفظ نٿا ڪن ته اسان تي به انهن لاءِ آواز اٿارڻ جي ذميواري آهي. ڀارت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سيتا سرڄٿهار فورم پاران روهڙي کان ڪوٽڙي واي لاڙڪاڻو جي ٽرين جي بحالي لاءِ احتجاج

مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ سيتا روڊ ريلوي ڦاٽڪ تي. 127 هين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

غلام مصطفي سمون، شهزاد علي ميمڻ، احسان علي سومرو، امجد علي ڪوسو پاران مظاهري ۾ شرڪت

تعصب پرست ريلويز اختيارين هٿ وٺي مسافر ريل گاڏين جي بحالي نه ٿي ڪري: اڳواڻن جون ڳالهيون

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سيتا سرڄٿهار فورم پاران روهڙي کان ڪوٽڙي واي لاڙڪاڻو دادو ٽريڪ تي مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ سيتا روڊ ريلوي ڦاٽڪ تي 127 هين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، احتجاجي تحريڪ جي اڳواڻن مشهور ميمڻ، پروفيسر غلام مصطفي سمون، شهزاد علي ميمڻ، احسان علي سومرو امجد علي ڪوسو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

دادو: سيتاجڻهار فورم پاران ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي پرسان گهر اندر پسٽل صاف ڪندي مبينا طور گولي لڳڻ نوجوان سخت زخمي ٿي پيو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي جي ويجهو ڏامراهه ڳوٺ ۾ گهر اندر پسٽل صاف ڪندي مبينا طور گولي لڳڻ سبب 28 سالن جو نوجوان قابل پٽ ڪوڙل جعفري سخت زخمي ٿي پيو. جنهن کي سنڌس وارثن ڪٺائي چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ آندو. جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي، ان موقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

بدين ۾ بجلي جي غيراعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف سوشل ورڪر اتحاد پاران احتجاجي ريلي

سيارو ختم ٿيندي ئي واپڊا عملي ڪنڊا ڪنيڪشن سسٽم تيز ڪري ڇڏيو، چوري جي بجلي ۽ هٽ سان ڏيئي پوءِ بچائڻ لاءِ من ماني ڪئي پئي وڃي: مظاهرين

لوڊشيڊنگ ڪري بجلي 15 کان 18 ڪلاڪن تائين لوڊشيڊنگ ڪري بند ڪئي ٿي وڃي، مسلسل عوام شهري سماج سڌارڪ سراپا احتجاج آهن

عوام جي طاقت اڳيان لوڊشيڊنگ بند ڪرڻي پوندي، عوام جي احتجاج تي عمل نه ٿيو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو عوام سجاڳ ٿيندو ته بنيادي مسئلا حل ٿيندا

بدين (رپورٽر) بدين ۾ بجلي جي غيراعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف سوشل ورڪر اتحاد پاران ڊي سي چوڪ کان نيشنل پريس ڪلب بدين تائين ريلي ڪڍي وئي، واپڊا خلاف سخت نعريبازي تفصيل موجب: بدين ۾ بجلي جي غيراعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف سماجي تنظيم سوشل ورڪر اتحاد پاران اير سومار ملاح جي اڳواڻي ۾ ڊي سي چوڪ کان نيشنل پريس ڪلب بدين تائين ريلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

پرياسٽي پرسان ڳوٺ دائود لاکو واسي مبينا طور 5 ڄڻا گم ڪرڻ تي جاچ ٽيم جوڙي وئي

پوليس گم ڪرڻ جي درخواست تي ڪورٽ سڳوري ٽن ڄڻن تي مشتمل جاچ ٽيم جوڙي ڇڏي

ايس پي امداد سولنگي، ٻن ايس ايڇ اوز حنيف مهر ۽ رحم علي واسواڻو جي سربراهي ۾ ڪاميٽي قائم

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پرياسٽي پرسان ڳوٺ دائود لاکو واسي مبينا طور پنج ڄڻا پرياروڊ پوليس گم ڪرڻ جي درخواست تي ڪورٽ سڳوري ٽن ڄڻن تي مشتمل جاچ ٽيم جوڙي ڇڏي ان سلسلي ۾ ناميارې وڪيل امر امتياز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

آءِ جي سنڌ پاران غوثپور پهچي شهيد اهلڪار جي تڏي تي عذرخواهي

شهيد ٿي ويل پوليس اهلڪار غلام نبي سومرو جي وارثن سان تعزيت ڪئي

آءِ جي شهيد جي وارثن کي هڪ ڪروڙ رپيا، اولاد کي 2 نوڪريون ڏيڻ جو اعلان ڪيو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ غوثپور پهچي شهيد اهلڪار جي تڏي تي عذرخواهي ڪئي 2 هفتا اڳ غوثپور شهر جي دولي چوڪ تي ڊيوٽي دوران اڻڄاتل هٿياربندن هٿان شهيد ٿي ويل پوليس اهلڪار غلام نبي سومرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

غوثپور: آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ شهيد پوليس اهلڪار جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس نوشهروفيروز ۾ واڪ ڪال انٽرويو ٿي گذريا

ڪرسيون لڳرائي تڏي پاڻي جو انتظام ڪرڻ سان گڏ نظم و ضبط قائم ڪيو ويو

ڊاڪٽر حاڪم علي جوکيو، ڊاڪٽر رحمت الله سيال ۽ ڊاڪٽر عبدالفتاح راڄپر پاران شرڪت

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سنڌ سرڪار جي اعلان ڪانپوءِ سڄي سنڌ جيان صحت کاتي نوشهروفيروز ۾ به هڪ گريڊ کان چار گريڊ جي ڀرتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڏڙو پوليس جي ڪارروائي، دوڪان تي ڇاپو، 2 موٽر سائيڪل هٿ، هڪ چور گرفتار

محمد عرف معصوم چانگ جي دڪان تي چوري ٿيل موٽر سائيڪلن جي اطلاع تي ڇاپو

2 موٽر سائيڪل هٿ ڪري دڪان مالڪ محمد عرف معصوم چانگ کي گرفتار ڪري ورتو

ڏڙو (ن سنڌ يار) ڏڙو پوليس جي ڪارروائي دوڪان تي ڇاپو 2 موٽر سائيڪل هٿ هڪ چور گرفتار، جاچ شروع، خبر موجب ڏڙو جي [illegible] مارڪيٽ پرسان ڏڙو پوليس [illegible] محمد عرف معصوم چانگ جي دڪان تي [illegible] موٽر [illegible]/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڳڏاپ پريس ڪلب ڪراچي جو صدارتي ضمني اليڪشن ٿي گذريو

آدم سريلو ڪميٽي ميمبر باغي ساگر ۽ جي رام پڙهيار کان فارم وصول ڪيو

پي سي جي ميمبرن ۽ عهديدارن پاران نئين منتخب صدر کي اجرڪون ۽ گلن جا هار پارايا

ڪراچي (پ ر) ڳڏاپ پريس ڪلب ڪراچي جو صدارتي ضمني اليڪشن ٿي گذريو [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪراچي: ڳڏاپ پريس ڪلب جا ڪامياب ٿيل عهديدار بيٺل آهن

سکر جي سي سيڪشن ٿاڻي جي اڳوڻي ايس ايڇ او جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ليبر ڪالوني جي رهواسي خميسو لاشاري سکر پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو

ايس ايڇ او چور جي مائٽن سان ڊيل ڪري 60 هزار روپيا پري ڏيڻ جو واعدو ڪيو هيو: خميسو لاشاري

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي سي سيڪشن ٿاڻي جي اڳوڻي ايس ايڇ او پاران چوري ٿي ويل موٽر سائيڪل جي رقم چور کان وٺڻ باوجود نه ڏيڻ واري عمل خلاف سکر جي ليبر ڪالوني جي رهواسي خميسو لاشاري سکر پريس ڪلب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

صوبائي وزير ليبر ۽ پ پ سعيد غني پاران محمد سليمان وساڻ سان تعزيت

شاخ جي جنرل سيڪريٽري محمد سليمان وساڻ جي امڙ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي

پي ٽي آئي جو باب بند ٿي چڪو آهي، پيپلزپارٽي عوامي پارٽي آهي: سعيد غني

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزيرليبر ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي صدر سعيد غني سڄل پهچي يوسي 3 سڄل ڳوٺ جي چيئرمين تاج محمد وساڻ جي ڀيڻ ۽ سڳا سڄل ڳوٺ شاخ جي جنرل سيڪريٽري محمد سليمان وساڻ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪراچي: پ پ اڳواڻ سعيد غني سڳا جنرل سيڪريٽري سان تعزيت بعد ويٺل آهي

ڪراچي جي سڄل ڳوٺ واري علائقي جي حرا پروگريسو پبلڪ اسڪول ۾ تقريب

مختلف ڪلاسن ۾ امتيازي نمبر حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين کي ايوارڊ ڏنا ويا

ممتاز گوپانگ، ڊپٽي ڪنٽرولر انٽر ميڊيٽ بورڊ ڪراچي هارون رشيد پٽو، الله داد گوپانگ هئا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي سڄل ڳوٺ واري علائقي جي حرا پروگريسو پبلڪ اسڪول سڄل ڳوٺ پاران ايوارڊ تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ مختلف ڪلاسن ۾ امتيازي نمبر حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين کي ايوارڊ ڏنا ويا ان موقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽکراڻي واسي 55 ورهين جو شهمير علي مهتر فقير آباد روڊ تي حادثي ۾ فوت

موٽر سائيڪل سلپ ٿيڻ جي نتيجي ۾ پيرسن فوت مڙهه گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام

پيرسن واپس گهر ٽکراڻو اچي رهيو هيو ته سائنس روڊ حادثو پيش آيو هو فوت ٿي ويو آهي: ذريعا

ٽکراڻو (ن سنڌ يار) ٽکراڻي ويجهو روڊ حادثو هڪ ڄڻو فوت گهر ۾ ڪهرام خبر موجب ٽکراڻو ويجهو روڊ حادثي جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو 55 ورهين جو شهمير مهتر سکر کان واپس ٽکراڻو اچي رهيو هيو ته فقير آباد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

شهدادڪوٽ ۾ شهيد ڀٽو ڪارڪنن پاران فاطمه ڀٽو جي سالگرهه ملهائي وئي

پ پ شهيد ڀٽو جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪئي

مير وزير علي ڪوسو، ذوالفقار مگسي، اطهر جروار، مظهر ڪوسو، مشتاق بروهي ۽ ٻيا شريڪ

شهدادڪوٽ (رپورٽ: شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ شهيد ڀٽو ڪارڪن شهيد مير مرتضي ڀٽو جي نياڻي بي بي فاطمه ڀٽو جي 41 هين سالگرهه جي تقريب منعقد ڪري ڪيڪ ڪٽيو، پريس ڪلب شهدادڪوٽ ۾ رٿيل تقريب ۾ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

شهدادڪوٽ: پ پ (ش ڀ) پاران فاطمه ڀٽو جي سالگرهه ملهائي پئي وڃي

نوشهروفيروز ۾ آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن ۽ اسڪارپ ايمپلائيز يونين پاران احتجاج

اسڪارپ کاتي جي ڪروڙين رپين جي بجيٽ ڳڙڪائيندڙن خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

ساگر يوسف منگي خادم حسين مري عبدالخالق ڪوڪر علي نواز سولنگي منير احمد عالماڻي پاران مظاهرو

ڪرپٽ انجنيئر کي اسڪارپ کاتي جي ڪروڙين رپين جي بجيٽ هضم ڪرڻ ٺيڪو ڏئي ڇڏيو آهي: ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) اسڪارپ ايمپلائيز يونين پاران ميرٽ بجاءِ بوگس انٽرويو وٺڻ سياسي ڀرتيون ڪرڻ ۽ اسڪارپ کاتي جي ڪروڙين رپين جي بجيٽ ڳڙڪائيندڙ لاڙڪاڻي کان آيل ڪرپٽ انجنيئر زرغام راڄپر خلاف اسڪارپ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز:) اسڪارپ ايمپلائيز يونين پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽي پرسان ٻن ڳوٺاڻن کي روڪي ڦر ڪرڻ جي ڪوشش، مزاحمت تي فائرنگ، هڪ کي زخمي

ٺٽو (رپورٽر) ٺٽي پرسان هٿياربندن جي موٽر سائيڪل سوار ٻن ڳوٺاڻن کي روڪي ڦر ڪرڻ جي ڪوشش مزاحمت تي فائرنگ ڪري هڪ نوجوان کي سخت زخمي ڪري فرار ٺٽي شهر کان دڪان بند ڪري فقير ڳوٺ طرف ويندڙ ڀيءُ پٽ شهباز ۽ صادق مڪراڻي فقير ڳوٺ لڳ پنهنجي ڳوٺ طرف وڃي رهيا هئا ته ٻاءِ پاس وٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز جيئي سنڌ قومي محاذ پاران ڪراچي مان ڪنيي گم ڪيل شاگردن لاءِ احتجاج

احتجاج جي اڳواڻي جسقم جي اڳواڻ عزيز پنگوار، فريد لاشاري، الطاف انصاري مظاهرو ڪيو

ظلم، جبر ۽ لاقانونيت جي انتها اها آهي ته هاڻي اسڪول ۽ ڪاليج جا شاگرد به محفوظ ناهن

نوشهروفيروز (ڊ ر) جيئي سنڌ قومي محاذ پاران ڪراچي مان ڪنيي گم ڪيل شاگرد اصغر پنگوار جي آزدي لاءِ نوشهروفيروز پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي جسقم جي اڳواڻ عزيز پنگوار، فريد لاشاري، الطاف انصاري، فرحان وسطڙو، جنيد ڪلهوڙو ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا ان موقعي تي هنن چيو ته ظلم، جبر ۽ لاقانونيت جي انتها اها آهي ته هاڻي اسڪول ۽ ڪاليج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٻنون ۾ قومي عوامي تحريڪ طرفان منشيات ۽ ٻين سماجي برائين خلاف احتجاج

قومي عوامي تحريڪ طرفان مرڪزي ترجمان اشرف پليجو جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

رشيد آزاد سومرو، ڪامريڊ يوسف ڪنڀار، اسماعيل سومرو، مهتاب سومرو، يامين سومرو پاران شرڪت

منشيات فروشي جي مضبوط نيٽ ورڪ ۾ سجاول ضلع جي پوليس ۽ ٻيون بااثر ڌريون شامل آهن: مظاهرين

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ٻنون ۾ قومي عوامي تحريڪ طرفان منشيات ۽ ٻين سماجي برائين خلاف [illegible] نعريبازي ڪئي، ڏڙو [illegible] حيدرآباد قومي شاهراهه ٻنون [illegible] صدر پنهل سولنگي، زين سومرو، منشيات روڪ تحريڪ جي اڳواڻ رشيد آزاد سومرو، ڪامريڊ يوسف [illegible]/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

مورو شهر ۾ پوليس هلنڊز سنوڪر تي ڇاپو هڻي ستن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو

مورو (رپورٽر) مورو شهر جي سوهو محلي ۾ پوليس هلنڊز سنوڪر تي ڇاپو هڻي ستن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڏڙو: قومي عوامي تحريڪ پاران منشيات خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو ڪيڊٽ ڪاليج ڪڪڙ جي سب انجنيئر پاران ڪٽڪ ۽ سارين جي فصل جي پوکائي خلاف درخواست

سب انجنيئر کي غير قانوني طور ايس ڊي او جي چارج ڏيڻ واري عمل خلاف دادو جو رهواسي پٽيشن داخل ڪرائي

ورڪس کاتي پاران دادو ڪيڊٽ ڪاليج ڪڪڙ جيڪو 104 ايڪڙ تي مشتمل ڪيڊٽ ڪاليج آهي: درخواستگذار

پابندي هئڻ جي باوجود به سب انجنيئر جمن زرداري کي اسسٽنٽ انجنيئر سب ڊويزن ڪي اين شاهه جي چارج ڏني وئي

دادو (ن سنڌيار) دادو ڪيڊٽ ڪاليج ڪڪڙ جي اندر هڪ سب انجنيئر پاران غيرقانوني طور تي ڪٽڪ ۽ سارين جي فصل جي پوکائي ڪرڻ ۽ سب انجنيئر کي غير قانوني طور ايس ڊي او جي چارج ڏيڻ واري عمل خلاف دادو جو رهواسي حيدرآباد جي اينٽي ڪرپشن جي عدالت ۾ پٽيشن داخل ڪئي عدالت ذميوار 4 ڪامورن کي 9 جون تي طلب ڪري ورتو دادو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ يونيورسٽي المنائي ايسوسي ايشن پاران تقريب ۽ ڊنر منعقد

فقير احمد صالح مهر، پروفيسر ڊاڪٽر مينهون خان لغاري، ڊاڪٽر اختيار علي گهمرو ۽ ٻيا شريڪ

المنائي ايسوسيئيشن يونيورسٽي جي گريجوئيشن جي هڪ انجمن آهي: ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو

آرڪيالاجي شعبي جي ليڪچرر طوبه شفق تقريب ۾ اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض اسرانجام ڏنا

خيرپور (ڊ ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ يونيورسٽي المنائي ايسوسي ايشن پاران تقريب ۽ ڊنر منعقد ڪيو ويو تقريب جي صدارت وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو ڪئي، جڏهن ته فقير احمد صالح مهر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٺٽي پرسان ٻن ڳوٺاڻن کي روڪي ڦر ڪرڻ جي ڪوشش، مزاحمت تي فائرنگ، هڪ کي زخمي

ٺٽو (رپورٽر) ٺٽي پرسان هٿياربندن جي موٽر سائيڪل سوار ٻن ڳوٺاڻن کي روڪي ڦر ڪرڻ جي ڪوشش مزاحمت تي فائرنگ ڪري هڪ نوجوان کي سخت زخمي ڪري فرار ٺٽي شهر کان دڪان بند ڪري فقير ڳوٺ طرف ويندڙ ڀيءُ پٽ شهباز ۽ صادق مڪراڻي فقير ڳوٺ لڳ پنهنجي ڳوٺ طرف وڃي رهيا هئا ته ٻاءِ پاس وٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

خيرپور: شاهه لطيف يونيورسٽي ۾ ڪوٺايل تقريب کي وي سي ۽ ٻيا مقرر خطاب ڪري رهيا آهن

سرحد ۾ قومپرست پارٽين جو اجلاس ٿي گذريو، نظير احمد شيخ جي ورسي تي ڳالهه ٻولهه

عبدالمجيد ميربحر ميرحسن لاشاري، جسم جي مرڪزي اڳواڻ ڪمال مهر نظير احمد شيخ شريڪ

اتحاد قائم ڪجي ۽ مڙني قومي مسئلن تي گڏيل جدوجهد ڪرڻ لاءِ رهبر ڪاميٽي قائم ڪئي وڃي

ضلع گهوٽڪي جي صنعتي ادارن ۾ لوڪل ماڻهن کي روزگار ڏيڻ بدران ڌارين کي ڀرتي ڪيو ويو آهي

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد ۾ قومپرست پارٽين ضلع گهوٽڪي جو گڏيل اجلاس ٿي گذريو جنهن ۾ جسقم ضلع ڊپٽي آرگنائيزر ايڊوڪيٽ عبدالمجيد ميربحر، ميرحسن لاشاري، جسم جي مرڪزي اڳواڻ ڪمال مهر نظير احمد شيخ، ايس يو پي ضلع جنرل سيڪريٽري اڪرم ميتلو ۽ جست ڪرنائي گروپ جي اڳواڻ سهيل ڪلوڙ شرڪت ڪئي. اجلاس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

شڪارپور ۾ واپڊا هائيڊرو يونين طرفان اغوا ٿيندڙ واپڊا ملازمن جي بحالي لاءِ احتجاج

اغوا ٿيندڙ واپڊا ملازم مغوي جميل ٻرڙو ۽ آصف پنجابي جي بازيابي لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ٻاءِ پاس تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو ۽ ريلي ۾ شامل ملازمن نعري بازي ڪئي وئي

واپڊا جي ٻن ملازمن کي اغوا ڪيو آهي، چار ڏينهن گذري ويا آهن پر ڪو به ڏس پتو به پيو آهي: مظاهرين

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ واپڊا هائيڊرو يونين طرفان ڪرم پور مان اغوا ٿيندڙ واپڊا ملازم مغوي جميل ٻرڙو ۽ آصف پنجابي جي بازيابي لاءِ احتجاجي ريلي تفصيل موجب گذريل ڏينهن آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو يونين شڪارپور طرفان 4 ڏينهن اڳ ڪرڊ اسٽيشن ڪرم پور مان واپڊا ملازم مغوي جميل ٻرڙو ۽ آصف پنجابي جي بازيابي لاءِ گرڊ اسٽيشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو ۾ اي سيڪشن ٿاڻي جي نندي منشي خلاف ايس ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو

دادو (رپورٽر) پيپلز پارٽي شاگرد ونگ سٽي دادو پاران اي سيڪشن ٿاڻي جي نندي منشي خلاف ايس ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو ۽ روڊ بلاڪ ان موقعي تي سپاف اڳواڻن ذڪريا جمالي، سهراب جمالي، احسان لغاري، بنده علي ڪوسو، صمد پنهور، جميل جمالي ۽ ٻين پوليس اهلڪار شفيق لنڊ خلاف سخت نعره بازي ڪندي چيو ته مذڪور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

شڪارپور: واپڊا ملازم مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

پ ٽ الف گهوٽڪي پاران ڊي اي او پرائمري زرينا چنا جي زيادتين خلاف احتجاج

مين سنڌي پرائمري اسڪول گهوٽڪي کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ريلي جي اڳواڻي پاڪستان ٽيچر ڪائونسل جي سيڪريٽري ارشد علي لکن جي اڳواڻي ۾ ريلي

پ ٽ الف ضلعي صدر ظفرالله خان لاکو تي بي بنياد الزام هنيا ۽ مٿس ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا: مظاهرين

سرحد (رپورٽر) پ ٽ الف تعلقي گهوٽڪي پاران ڊي اي او پرائمري زرينا چنا جي خلاف مين سنڌي پرائمري اسڪول گهوٽڪي کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي جي اڳواڻي پاڪستان ٽيچر ڪائونسل جي سيڪريٽري ارشد علي لکن، اعجاز احمد چاچڙ، دين محمد مهر، حاڪم شيخ، سڪندر علي سنگهڙ، ڪوڙو خان ملڪ، حاڪم علي ميراڻي ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 30 مئي 2023 ع

پاڻيءَ تي ڌاڙيوالي ءَ جي نئين واردات

هونئن تہ سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙن جي تاريخ لڳ ڀڳ ڏيڍ صديءَ جي عمر رکي ٿي، پر ورهاڱي کان پوءِ واري اڌ صديءَ ۾ پاڻيءَ جي معاملي ۾ سنڌ سان نا انصافيون وڌي ويون آهن. پنجاب واعدن ۽ معاهدن تي عمل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي پابند نٿو سمجهي. تڪراري پاڻي رٿا ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت جي سنڌ کي سزا ڏيڻ لاءِ ڏينهون ڏينهن پاڻي معاملي ۾ نا انصافيون وڌنديون وڃن. چشما _ جهلم ۽ تونسا _ پنجند لنڪ ڪئنال، جيڪي فلڊ ڪئنال آهن ۽ اهي صرف ٻوڏ دوران وهائڻا آهن. پنجاب جڏهن چاهي ٿو، اهي ڪئنال وهائي پاڻي کڻي ٿو وڃي. هن وقت سنڌ ۾ پاڻي کوٽ 45 سيڪڙي تائين پهچي ويئي آهي، انهن شديد کوٽ وارن ڏهاڙن ۾ پنجاب ارسا کان چشما _ جهلم لنڪ ڪئنال وهائي گريٽر ٿل ڪئنال لاءِ پاڻي کڻڻ جو فيصلو ڪرائي ورتو آهي. ارسا ترجمان جو موقف آهي تہ پنجاب پنهنجي حصي مان گريٽر ٿل ڪئنال کي پاڻي فراهم ڪري رهيو آهي. سنڌ کي 50 هزار بدران 75 هزار ڪيوسڪ پاڻي فراهم ٿي رهيو آهي.

هڪ طرف ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ پاڻي نہ ڇڏڻ جي ڪري سمنڊ اڳتي وڌي سنڌ جون سون اپائيندڙ زمينون ۽ وسنديون ڳڙڪائيندو وڃي. ٻئي پاسي پنجاب مان ايندڙ صنعتن جي زهريلي پاڻيءَ سبب گهوٽڪي ضلعي ۽ سکر ضلعي جي صالح پٽ تائين زمينون ڏيڻ ۾ بدلجي ويون آهن. جنهن ڪري سنڌ سسندي ۽ سوڙهي ٿيندي وڃي. پنجاب جيڪو 58 هزار ايڪڙن تي مشتمل Evaporation Pond (تبخير لاءِ تلاءُ) ناهيو آهي، ان لاءِ بہ ڌڱاڻ ۽ ڏاڍاگيريءَ سان گهوٽڪي ضلعي جي 28 هزار ايڪڙ زمين ڪنئي ويئي آهي. جڏهن تہ اهو تلاءُ پنجاب کي پنهنجي ئي زمين تي ناهڻو هو. پنجاب مان ايندڙ زهريلي پاڻيءَ سبب سنڌ جون زمينون تباهہ ٿي ويون آهن. ان زهريلي پاڻيءَ سبب اتي جو چوپايو مال مرڻ لڳو آهي. چراگاهہ ختم ٿي ويا آهن. زهريلي صنعتي مواد ۽ ڪيميڪل سبب جر زهريلو ٿي ويو آهي. جر جو پاڻي واپرائڻ سبب ماڻهو خطرناڪ بيمارين ۾ ورتل آهن. پنجاب جا سنڌ تي ڪيل ڪهڙا "احسان" ڳڻي ڪهڙا ڳڻائجن!! هڪ طرف اهو ظلم جاري آهي تہ ٻئي طرف سنڌ کي ٻٽ ۽ بنجر بنائڻ لاءِ پاڻيءَ تي بہ ڌاڙيوالي جاري آهي. جنرل مشرف جي دور ۾ وفاق جو ميمبر بہ سنڌ مان ڪنيو ويندو هو، پر پوءِ سنڌ کي ان کان محروم ڪيو ويو. پنجاب جي مفادن لاءِ ڪم ڪندڙ ارسا ۾ وفاق جو ميمبر بہ پنجاب جي مُٺ ۾ آهي. بلوچستان جي ميمبر کي پاڻ سان ملائي فيصلو "اڪثريت راءِ" سان ڪرڻ جو ڍونگ رچايو وڃي ٿو. جڏهن لنڪ ڪئنال، آهن ئي فلڊ ڪئنال، تہ پوءِ انهن کي کوٽ وارن ڏينهن ۾ وهائڻ جو جواز ئي ڪهڙو آهي؟ مين اسٽريم/سسٽم مان پاڻي کڻڻ کي پنجاب ڪيئن ٿو پنهنجي حصي جو پاڻي قرار ڏيئي سگهي؟ جڏهن گريٽر ٿل ڪئنال جي تعمير جاري هئي تہ سنڌ ۾ ان خلاف شديد احتجاج هلندڙ هئا. سنڌ جا اهي خدشا درست ثابت ٿيا آهن تہ ان ڪئنال لاءِ پاڻي ڌڱاڻ ۽ ڏاڍاگيريءَ سان ڪنيو ويندو. سنڌ ۾ هن وقت مجموعي پاڻي کوٽ 45 سيڪڙو آهي. هن کان اڳ بہ هن ئي مهيني ۾ هڪ هفتو اڳ تائين (29 اپريل کان 20 مئي تائين) پنجاب تونسا _ پنجند لنڪ ڪئنال کولي 66 هزار ڪيوسڪ پاڻي کڻي ورتو هو. سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙيوالي ءَ جون اهي وارداتون هاڻي تہ تڪڙيون تڪڙيون پيون ٿين. هن وقت کوٽ وارن ڏهاڙن ۾ سنڌ جي گهرج 77600 ۽ فراهمي 41279 ڪيوسڪ ٿي رهي آهي. پر ارسا ترجمان سنڌ کي 75 هزار ڪيوسڪ پاڻي فراهميءَ جي دعويٰ ڪري ٿو. ارسا جو وس پڄي تہ اها ڪاغذن ئي ڪاغذن ۾ سڄو سنڌو دريا جو پاڻي سنڌ جي کاتي ۾ لکي ڇڏي! اهڙي ئي ٺڳيءَ کي روڪڻ لاءِ مشرف دور ۾ سنڌوءَ جي 23 وهڪرن جي سيٽلائيٽ مانيٽرنگ لاءِ ڳري خرچ سان ٽيليميٽري سسٽم لڳائي. ان جو انتظام واپڊا جي حوالي ڪيو ويو هو ۽ سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙيوالي ءَ ۾ سهولتڪار بڻيل واپڊا ان جديد سسٽم کي هلڻ ئي نہ ڏنو.

سنڌ جي حڪمران جماعت وفاقي حڪومت ۾ بہ حصيدار آهي. واٽر ريسورسز جي وزارت بہ پ پ پ وٽ آهي. ماحوليات واري وفاقي وزارت بہ پ پ پ وٽ آهي پر اها سنڌ سان پاڻي معاملي ۾ نا انصافي ختم ڪرائي نہ سگهي آهي. اسان اهو چوڻ جي ضرورت نٿا محسوس ڪريون تہ سنڌ جي پاڻيءَ جي حق تي ڪنهن بہ قسم جي سوديبازي نہ ٿيڻ گهرجي. سنڌ سان پاڻي معاملي ۾ نا انصافي جو ڪيس مجاز فورمن تي ڪنيو وڃي. وفاقي حڪومت جي اڳيان پڻ معاملو اٿارڻ جي ضرورت آهي. ان کانسواءِ سنڌ جي زمينن کي ڏيڻ ۾ تبديل ڪندڙ پنجاب جي صنعتن واري زهريلي پاڻيءَ جو معاملو بہ اٿاريو وڃي. اهو ياد رکڻ گهرجي تہ اقتدار اچڻي وڃڻي شئي آهي، پر سنڌ جا مفاد مقدم هجڻ گهرجن.

چا عمران خان کي هاڻي سياسي چرپر جو ٻيهر موقعو ملندو؟

توفيق لنڊ

هي رستو ونو هن رستي تي هلڻ جي هي رستو 1970/ 1980 وارو رستو ناهي ڪجهہ هٽ هلڪو ڪندا اچجو اسان تي بہ آڳريون نہ کڃن اوهان کي موقعو ڏيون ٿا اوهان پنهنجو رستو ياڻ ناهيو اسان جي سپورٽ کانسواءِ اوهان اڳتي نہ وڃجو اسان جي ڊڪٽيشن مطابق نہ هلندڙ جو حشر اوهان کي خبر آهي اهي هن وقت ڪٿي آهن بلڪل ائين آهي پاڪستان جي سياست جا 4 وڏا پلر آهن جنهن ۾ ملٽري اسٽيبلشمينٽ، جوڊيشري، اسٽيبلشمينٽ، اسٽيڪ هولڊر، ميڊيا ۽ انهن جي حمايت کانسواءِ سياست ڪرڻ ۽ اقتدار سنڀالڻ ناممڪن آهي هن وقت ملڪي سياست حقيقي جمهوريت کان اڳتي وڌي ويو آهي هاڻي جنهن وٽ اقتدار آهي اهو ڏاڍو آهي اهو سڀ ڪجهہ آهي پاڪستان تحريڪ انصاف کي 2018ع ۾ اقتدار جو رستو ڏيندڙ سگهارين قوتن اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ تحريڪ انصاف کي اقتدار ۾ گهڻو عرصو رهڻو آهي ڪيئن اقتدار سنڀالڻو آهي

نام نهاد جاگيرداريت جي ڪوڙهہ ۾ ورتل پاڪستاني جمهوريت

طفيل مگسي

بقايا سنڌيار 01

ظلم زيادتين جي خلاف سخت نعري بازي ڪئي هن موقعي تي اڳواڻن محمد سومار ملاح نور محمد پٽي محمد اسلم ملاح اشفاق شيخ ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته هن وقت شديد گرمي جي لهر هلي رهي آهي ان هوندي حيسڪو اختيارين روز 15 کان 20 ڪلاڪ لوڊ شيڊنگ ڪري رهيون آهن جنهن جي ڪري شهري سخت گرمي سبب سخت پريشاني جو شڪار آهن هنن چيو حيسڪو اختيارين پنهنجي چوري ۽ نااهلي کي لڪائڻ لاءِ هترادو لوڊ شيڊنگ ڪري رهيا آهن جنهن جي ڪري بجلي تي هلندڙ سمورو ڪاروبار بند ۽ پورهيت بيروزگار آهن ۽ عوام سخت گرمي ۾ تڙپي رهي آهي هنن حيسڪو چيف ايڪسيئن ۽ ڊي سي بدين کان مطالبو ڪيو ته حيسڪو جي ظالماڻي لوڊ شيڊنگ بند ڪرائي شهرين سان ٿيندڙ زيادتي بند ڪرائي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ختم ڪرائي وڃي ٻي صورت ۾ هو ايڪسيئن بدين جي آفيس سامهون مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻندا

بقايا سنڌيار 02

پل واري علائقي ۾ گذريل رات دير سان پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو ٿي پيو. مقابلي دوران پوليس جي جوابي ڪارروائي ۾ بدنام ڌاڙيل عبدالجبار شيخ کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 03

ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن ۾ خوشي جي لهر ڇانيل انهي سلسلي ۾ گذريل ڏينهن چارٽر آف ڊمانڊ تي صحيح ڪرڻ جي تقريب ٿي گذري جنهن ۾ ايم ڊي سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽڊ سنڌ بلوچستان عمران منيار ڊيم جي ايم ڊي امين راجپوت. سعيد رضوي. جنرل مئنيجر HR عدنان احمد. ڊپٽي جنرل مئنيجر IR بختيار عالم. چوڌري اعجاز جڏهن ته انصاف جفاڪاش يونين صدر نذير خان. جنرل سيڪريٽري سيد ساجد شاهه جيلاني - وائس چيئرمن سردار دين محمد جمالي - غلام محمد پنهور. نائب صدر استاد الاتا موسيٰ. ڊپٽي جنرل سيڪريٽري انور بلوچ. ريجنل سيڪريٽريز رائو گلزار. مرتضيٰ جتوئي. عالم پتو- شاهه محمد شاهه. ملڪ اشرف براءِ ڪاسٽنگ سيڪريٽري غلام مصطفيٰ. لاشاري رشيد لنڊ ۽ يونين جا ٻيا عهديدار پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 04

مٺل چوهاڻ. انيس ابڙو شمن سولنگي سميت ٻين جو چوڻ هو ته پراڻي سکر جي نئين ڳوٺ ميراڻي محلي سميت ڪيترن ئي علائقن ۾ گيس پريشر گهٽ ۽ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ هجڻ ڪري صبح جو ماڻهون بغير ناشتي جي مزدوري ۽ آفيسن ڏانهن وڃي رهيا آهن شام ۽ منجهند جو وري گيس پريشر گهٽ آهي. ميراڻي محلي ۾ هڪ مهيني کان گيس بند پيل آهي گيس انتظاميه ڪن لاتار ڪري پٽي روزانو رڌ پچاءَ جي لاءِ پريشان آهيون. جڏهن ته گئس نه اچڻ سبب ڪاٺيون ۽ ايل پي گئس استعمال ڪرڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي گئس جا بل ادا ڪرڻ باوجود گهريلو گئس صارفين سان ظلم ٿي رهيو آهي. شهري گهريلو گيس جي بندش سبب سخت پريشان آهن سوئي سدرن گيس ڪمپني ۽ ٻيون اختياريون نوٽس وٺي گيس جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ مظاهرين وزارت پيٽروليم ۽ گئس اختيارن کي اپيل ڪئي آهي ته نااهل ريجنل مئنيجر سکر عزيزالله ابڙو ۽ ڏونل مينيجر جي ڪمار کي هٽايو وڃي ٻي صورت ۾ عدالت جو دروازو کڙڪائڻ تي مجبور ٿي ويندا سين

بقايا سنڌيار 05

سان پوليس ڪاروائي ڪندي رياض عرف ڪوڏو ملاح کي چرس سميت گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

بقايا سنڌيار 06

سول اسپتال ميرپورخاص منتقل ڪري ڇڏيو. ايس ايچ او نور محمد شر جو چوڻ آهي ته جوابدار ڏير اسد خاصخيلي پنهنجي ڀاڄائي کي مٿي ۾ پستل جو فائر هڻي قتل ڪيو آهي اطلاع تي واقعي واري هنڌ پهچي مرن لاش سول اسپتال منتقل ڪرايو آهي ۽ آءِ سرزمين تي موجود آهيان جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهيان انشاالله ڪيس جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو ويندو.. ۽ وڌيڪ واقعي بابت جاچ به ڪري رهيون آهيان.

بقايا سنڌيار 07

سلور جوبلي جي موقعي تي ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ ملڪ جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ دعا ڪئي وئي. تقريب ۽ اجلاس ۾ محمد اعظم خان. آغا عارف دراني. ڪاشف عباسي. الله داد بوزدار. گل حسن ڪوسو. خير بخش بروهي. شيخ نظام جان. يونس راجپوت. سليمان ڪوسو. فهيم گرگيج. بابوڪوسو وزير علي شيخ. سيد شمن شاهه. نعيم قريشي. عبدالفتاح ابڙو. چوڌري محمد خالد آرائين ۽ ٻين عهديدارن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي. شرڪاءَ تقريب سان خطاب ڪرڻ چوڻ هو ته ميان محمد نواز شريف ايٽمي ڌماڪا نه جي بدلي ۾ آمريڪي ڊالرن جي برسات کي ٺڏي ڇڏيو هو ۽ وطن عزيز کي ايٽمي قوت بڻايو هنن چيو ته 28 مئي اهو تاريخ ساز ڏينهن آهي جنهن تي قوم جي محبوب قائد ميان محمد نواز شريف پاڪستان جي ازلي دشمن ڀارت طرفان ڪيل 5 ڌماڪن جي جواب ۾ 7 ڌماڪا ڪري ڀارت کي پنهنجي واضح برتري جو ثبوت ڏنو. هنن چيو ته صرف پاڪستان لاءِ نه پر پوري امت مسلمان لاءِ انتهائي فخر. اعزاز ۽ شادي، جيان خوشيءَ جو ڏينهن هو ان ڏينهن پاڪستان اسلامي دنيا جو پهريون ۽ ايشيا جو ٻيون ۽ اقوام عالم جو 7 ايٽمي پاور ملڪ بڻجي ويو هن چيو ته الحمدالله اڄ پاڪستان ايٽمي ملڪ آهي ۽ ان جي ايٽمي صلاحيت سبب اسان لاءِ حفاظتي ڇتري آهي جنهن سبب دشمن اسان مٿان ميري اک ڪئي ڏسي نٿو سگهي.

بقايا سنڌيار 08

۾ دڪانن تان ڦرون ڪندڙ بدنام ڌاڙيل پٺاڻي نگر ٿاڻي جي حد ۾ مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا آهن پوليس دعوي ڪئي آهي ته رات دير سان پٺاڻي نگر ٿاڻي جي حد ڄامشورو روڊ تي فلٽر پلانٽ وٽ جهورات ديرسان ڦرون سان چيڪنگ دوران پوليس مقابلو ٿيو جنهن دوران پوليس 2 موٽرسائيڪل تي سوار 5 ڄڻن کي روڪڻ جو اشارو ڪيو ۽ جوابدارن فائرنگ شروع ڪري ڏني. پوليس فوري جوابي ڪارروائي ڪندي جوابدارن سان مقابلو ڪري 2 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. جڏهن ته جوابدار جا ٻيا 3 ساٿي موٽرسائيڪل سميت فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ منور سيال ۽ اسد سيال طور ٿي آهي. ٻنهي جوابدارن جي قبضي مان به ٽي ٽي پستل هٿ ڪيا ويا. گرفتار ڌاڙيلن جا سي سي ٽي فٽيج پڻ موجود آهن جيڪي واردات ڪري رهيا آهن شروعاتي جاچ موجب گرفتار ۽ فرارٿيل جوابدار عادي ڌاڙيل آهن ۽ اسٽريٽ ڪرائم ۾ سرگرم آهن.

بقايا سنڌيار 09

